# سرمستي جا سرچشما

سچل سرمست جي سرمستي جا سرچشما پاڙيهي (اويس) جا ننڍا فارسي شاعر آهن. انهن ۾ حسين بن منصور حلاج، فريدالدين عطار نيشاپوري، شمس تبريز ۽ حافظ شيرازي ~~آهن~~ شامل آهن. ان کان سواءِ، سچو اويسي طريقي جي جو پوئلڳ هو جنهن جي ذريعي هيٺين شاعرن سان سنڌس واسطو پيو.

# سرمستي جا بي باڪ عناصر:

### 1. پاڻ ڄاڻڻ جو فلسفو:

سچل سرمست وحدت الوجود جي نظريي جو پرچارڪ هو. انهن نظريي موجب، خالق ۽ مخلوق هڪ آهي، انهن کي جدا وجود ڪري ڏسڻ جو تصور لاحق آهي. الله ۽ انسان ۾ ڪو فرق نٿا ڪن ليڪن انهن کي هڪ ئي هستي جا ٻه روپ ڪري ڏسي ٿو، هڪ آواز جو پڙاڏو. سنڌس ڪلام ۾ اهڙو نظريو عمده فصاحت ۽ بي باڪي سان ائين چيو آهي:

الله الله ڇو ڪرين، پاڻ ئي الله ڄاڻ
سچو سائين هڪڙو، ناهي شڪ گمان

### 2. ٻڪيل ڏک:

ڪجهه هنڌن تي، سچو سائين سنڌ جي سورمين کي تشبيه طور پڻ استعمال ۾ آڻدو آهي.

مثال طور هيٺين دوهي ۾ سائين جن انسان جي اڻ ڄاڻائي ۽ ڇاڇر ۾ جيتري گھاٽائي نروار ڪندي وحدت الوجود جو فلسفو نمايان ڪيو آهي:

پنهنجو پنهنجون ٿي ڪريان، آءٌ پڻ پنهنجون پاڻ،
اڏيون ٿيس اڄاڻ، ڪين پروڙيم پاڻ کي.

### 3. انا الحق جي ڪيفيت:

سچو (سارو سچ) انا الحق جي ڪيفيت دڙين ماڳين ظاهر ظهور نروار ڪئي آهي.

منصور ٿي موچ ۾ تو انا الحق الاپيان،
هاديءَ ۾ وحدت جي، کھوري سر کھايان!

### 4. يقين جي نڪتہ چيني جي لاپرواهي

سچل سرمست نه ڪنهن جي پرواهه ڪئي بنا پنهنجو ڪلام چيو جيڪو سندس بي باڪي جو اهم عنصر آهي:

ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي،
مان جوئي آهيان سوئي آهيان!

### 5. هو ملن سان ڪٽر دشمني

ميان عبدالوهاب جي الاعلان حق سبب واجب القتل جي فتوي جاري ڪئي وئي. ليڪن انهي ڪان ٻهراڻي ئي سچو ملن لاءِ هيٺيان لفظ چيا:

ملان انهيءَ مڪ جو ڇيھو جي ڇڪين،
ڪارڻ ڪيٽي ڪنڌ ۾ وڌو مٿي مڪين

6. مذهب جي پيدا ڪيل منجهارن بابت:

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي پيري بزرگي سعد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن ڪي مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا عقل وارا عشق جي -

## نتيجو:

مٿي ذڪر ڪيل شاعريءَ جا مثال انهن ڳالهين جا جي شاهدي آهن ته عبدالوهاب سچل سرمست جو عرف "سچو" رهيو ڏليرا، مستو مست ۽ الاعلان شاعر هئو. انا لنسواءِ، جيڪڏهن اهڙا روايت صحيح آهي، سچل سرمست حقيقت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف جي ڪيل اڳڪٿي تي پورو لٿو جنهن چيو هئو. "اسان جيڪا ڪني چاڙهي آهي، انهن جو ڍڪ هي لينگر لاهيندو".

سوال :-

(الف)

As rain is related to weather so are tears related feelings. It is easy to differentiate between expected and unexpected rainfalls. But drizzle of eyes is difficult to recognize because a human is simultaneously possessed by a range of emotions. If tears has different colors in accordance with emotions, feelings and torments, the eyes would sometimes weep rainbow tears.

6

CamScanner

# سوال

## (ب)

اڄ مونکي احساس ٿيو مان هڪ قاتل آهيان،
پنهنجي تخليقي قابليت جو. مان هڪ ناڪاس آهيان جنهن
پنهنجي معصوم احساسن کي پيهي ڪري ڇڏيو آهي.
مان اهو پوٽ آهيان جنهن جمڻ کان پهرين هڪ حسين
وجود کي ميساري ڇڏيو. اڄ حادثاتي طور منهنجو هڪ
ضمير سان ٽڪراءُ ٿيو جيڪو منهنجي باطن ۾ سڪونت
پذير هوندو ۽ مان يا ته هن کي هڪ بي يارو مددگار
قيدي ڪري رکيو يا هن کي ۽ سنگدلي سان گهٽي ڇڏيو.
مان هڪ ضمير، شاعر يا افسانا نگار ٿي ٿي سگهيس
جيڪڏهن مان پنهنجي دل کي آزاد ڪيان ها يا پنهنجي اندر
جي آواز ٻڌان ها. مان پنهنجي پاڻ کان پوشيده رهيم. پر
قسمتي مونکي توهان جو ڪتاب " ايڪويهين صديءَ ۾ عورت"
مليو ۽ ڪجهه افسانا پڙهيا. مان توهان جي ليک مان متاثر
ٿيم. ان کان پوءِ مون پاڻ کي منجهيل ۽ سمي حيران جاتو.
جو ته مونکي محسوس ٿيو ته ساڳي قابليت مون اندر پڻ آهي،
پر مان ڪڏهن ڪنهن موقعي مان فيضياب ٿي پنهنجو دلي
اظهار نه ڪيو. جڏهن ته، توهان ۽ توهان جي تخليق مونکي
تحرڪ مهيا ڪيو ۽ سجاڳ ڪيو جنهن سان مان پنهنجي
داخلي دنيا پرکي.